# امير اهل سنت کان والدين جي باري ۾ سوال جواب

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

ترجمو: اي الله پاڪ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بیروت)

طالب غم مدینہ بقیع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: اميرِ اهلسنّت کان والدين جي باري ۾ سوال جواب

ڇاپو پهريون: رمضان 1444ھ اپريل 2023ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مکتبة المدينہ عالمی مدنی مرکز فیضانِ مدینہ بابُ المدینہ کراچی

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مکتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

# اميرِ اهلسنّت کان والدين جي باري ۾ سوال جواب

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اميرِ اهلسنّت کان والدين جي باري ۾ سوال جواب

دعاءِ جانشينِ اميرِ اهلسنّت: اي الله پاڪ جيڪو بہ مڪمل رسالو ”اميرِ اهلسنّت کان والدين جي باري ۾ سوال جواب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي والدين جي خدمت ۽ اطاعت ڪرڻ وارو بڻاءِ، انهن جي نافرماني کان محفوظ فرماءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت اَنس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهيو الله پاڪ ان تي ڏهہ رحمتون نازل فرمائيندو ان جا ڏهہ گناهہ مِٽائي ڇڏيندو. (ابن حبان،2/130حديث:901)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**سوال:** ڪجهہ ماڻهو والدين جي نافرماني ڪندا آهن بلڪ انهن سان تمام بُرو ورتاءُ ڪندا آهن، اوهان انهن جي لاءِ ڪي اهڙيون نصيحتون ارشاد فرمايو تہ جيئن هُو پنهنجي والدين سان اهڙو ورتاءُ نہ ڪن.

**جواب:** والدين جي دل ڏُکائڻ ۽ انهن جي نافرماني ڪرڻ وارن کي دنيا ۾ به سزا ملندي آهي ۽ اهي آخرت ۾ به سزا جا حقدار ٿيندا آهن. يادرکو! والدين جي فرمانبرداري لازمي فرض آهي ۽ انهن جي نافرماني گناهه آهي. والدين جي اطاعت ۽ فرمانبرداري جي حوالي سان ڪيئي آيتون ۽ روايتون موجود آهن. والدين جي اهميت جو اندازو هن حديثِ پاڪ مان لڳايو ته پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: اَلْجَنَّةُ تَحْتَ اَقْدَامِ الْاُمَّهَاتِ (جنّت مائرن جي قدمن جي هيٺان آهي) (مسند شهاب، 102/1، حديث:119) **يعني** انهن سان ڀلائي ڪرڻ جنّت ۾ داخلا جو سبب آهي، جيڪو ڀلائي ڪندو اهو جنّت ۾ ويندو. بهارِ شريعت ۾ آهي: جنهن پنهنجي امڙ جا پير چُميا ته هي ائين آهي جڻ جنّت جي چائونٺِ يعني دروازي کي چُميو. (بهارِ شريعت، 445/3، حصہ:16) ماءُ پيءُ جي سامهون آواز بُلند نه ڪرڻ گهرجي، نظرون هيٺ رکڻ گهرجن، انهن کي پري کان ايندي ڏسي ڪري تعظيماً اٿي بيهڻ گهرجي، انهن سان اکيون ملائي ڪري هرگز گفتگو نه ڪرڻ گهرجي، جڏهن هُو سڏين ته لَبَّيْڪ چوندي فوراً حاضر ٿي وڃڻ گهرجي، انهن کان ادب سان اوهان جناب چئي ڪري ڳالهائڻ گهرجي، سندن آواز کان پنهنجو آواز بُلند نه ڪرڻ گهرجي. حضرت عون رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي امڙ کيس سڏيو ته جواب ڏيڻ وقت سندن آواز ڪجهه بُلند ٿي ويو ته پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان سبب به غلام آزاد ڪيا.

(حلیۃالاولیاء، 45/3،رقم:3103 ـ اللہ والوں کی باتیں (مترجم)، 59/3)

ڏٺو توهان! حضرت عون رَضِيَ اللهُ عَنْهُ صرف والده جي آواز کان پنهنجو آواز بُلند ٿيڻ تي به غلام آزاد ڪري ڇڏيا، جيڪي ماٿهو ماءُ پيءُ جي اهميت نٿا ڄاڻين انهن کي هن مان درس حاصل ڪرڻ گهرجي. ياد رکو! والدين جي فرمانبرداري جا وڏا فضائل ۽ نافرماني ۾ عذاب جون وعيدون به آهن. مڪتبةُ المدينه جي رسالي **”ساموندي**

گنبذ“ ۾ لکيل آهي: منقول آهي تہ هڪ شخص کي سندس ماءُ آواز ڏنو پر ان جواب نہ ڏنو، ان تي سندس ماءُ ان کي بددعا ڏني تہ اهو گونگو ٿي ويو. (بر الوالدين للطرطوشی،ص79) غور ڪيو تہ ان جي لاءِ ڪيڏي وڏي آفت هوندي اهو واقعي گونگو ٿي سمجهي سگهي ٿو تہ ان جي لاءِ ڪيتري مشڪل هوندي آهي لهٰذا اسان کي گهرجي تہ والدين جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪيون نہ تہ دنيا ۾ بہ عذاب ڏنو ويندو آهي ۽ آخرت ۾ بہ عذاب آهي. حضرت امام احمد بن حجر مکي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا تہ سرڪارِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: معراج جي رات مون ڪجھ ماڻهو ڏٺا جيڪي باھ جي شاخن سان لٽڪيل هئا مون پڇيو هي ماڻهو ڪير آهن؟ ٻڌايو ويو هي اهي ماڻهو آهن جيڪي دنيا ۾ پنهنجي پيئرن ۽ مائرن کي بُرو ڀلو چوندا هئا. (الزواجر عن اقتراف الکبائر،139/2۔جہنم میں لے جانے والے اعمال(مترجم)، 2 /265) بهرحال جن ماءُ پيءُ کي ستايو آهي اهي توبھ ڪن، پنهنجي ماءُ پيءُ کي راضي ڪن ۽ معافي بہ گهرن. جيڪڏهن ماءُ پيءُ پَري آهن تہ فون يا ڪهڙي بہ طرح رابطو ڪيو انهن جي گهر وڃي ڪري پيرَ پڪڙي ڪري راضي ڪيو، اهي راضي آهن تہ توهان جي جنّت آهي لهذا انهن کي راضي ڪيو ۽ انهن جا جيڪي بہ جائز مطالبا هجن اهي پورا ڪيو.(ملفوظاتِ امیراہل سنت ،443/3)

**سوال: ڇا جنّت ۾ والدين بہ اسان سان گڏ هوندا؟**

**جواب:** جيڪڏهن والدين ايمان تي دنيا مان رخصت ٿيا ۽ اولاد بہ ايمان تي رخصت ٿيو تہ پوءِ جنّت ۾ ٺي وڃڻو آهي ۽ جنّت ۾ سڀ گڏ رهنداسين. اهڙيءَ طرح زال مڙس جيڪڏهن ٻئي جنّت ۾ ويا تہ ٻئي گڏ رهندا. (معجم صغیر، 229/1،حدیث:541 ماخوذاً) (ملفوظاتِ امیراہل سنت ،413/1)

**سوال:** جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي والدين سان محبت ڪندو هجي پر انهن جي خدمت نہ ڪندو هجي تہ ڇا والدين سان محبت ڪرڻ تي ثواب ۽ خدمت نہ ڪرڻ تي گناهہ ملندو؟

جواب: جيڪڏهن والدين کي خدمت جي ضرورت آهي ۽ هي انهن جي خدمت ڪرڻ بدران انهن جي دل ڏُکائيندو ۽ انهن کي پريشان ڪندو آهي تہ هي ڪهڙي محبت آهي؟ عام ماڻهن جي مقابلي ۾ والدين سان محبت تہ فطرتاً هوندي آهي. جيڪڏهن واجب کي ترڪ ڪندو جيڪو ان تي پنهنجي والدين جي طرف کان لازم آهي تہ گنهگار ٿيندو.

(ان موقعي تي مُفتي صاحب فرمايو:) والدين سان محبت ڪرڻ تي ان کي فائدو تہ ملندو، جيڪڏهن والدين جي خدمت ان تي فرض يا واجب آهي جو گهر ۾ ڪو ٻيو ڪمائڻ وارو نہ آهي، انهيءَ تي انهن جو خرچ پڪو لازم آهي تہ هاڻي خدمت نہ ڪرڻ تي گنهگار **ٿيندو.** (ملفوظاتِ اميراہل سنت، 54/7)

**سوال:** جيڪڏهن والدين پنهنجي اولاد کي چون تہ هاڻي توهان جي هن گهر ۾ ڪا جڳهہ نہ آهي تہ اولاد کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** هن ۾ اولاد جي لاءِ وڏي آزمائش آهي. اولاد کي گهرجي تہ والدين سان جهيڙو نہ ڪن ان جي اجازت ناهي، والدين کان معافي گهرندا رهن، عاجزي ڪن ۽ روئي روئي ڪري والدين جا پيرَ پڪڙي ڪري معافيون گهرن. جيڪڏهن سچي ندامت هوندي تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سرخروئي حاصل ٿي ويندي ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! مسئلو حل ٿي ويندو. والدين کي بہ گهرجي پنهنجي اولاد سان اهڙو رويو نہ رکن بلڪ پنهنجي دل نرم رکن، جيتوڻيڪ اولاد نافرمانيون ڪيون هجن انهن

کي معاف ڪري ڇڏين. ممڪن آهي اوهان به پنهنجي جواني ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ سان اهڙا مسائل ڪيا هجن. بهرحال سيئي ماءُ پيءُ اهڙا ناهن هوندا ڪو ڪو اهڙو هوندو لهٰذا جهيڙو جهڳڙو معاف ڪيو پنهنجي دل صاف ڪيو انهيءَ ۾ آخرت جي ڀلائي آهي. (ملفوظاتِ اميراہل سنت ،309/2)

**سوال:** شادي کان بعد پنهنجي والدين کان ڌار ٿيڻ ڪيئن آهي؟

جواب: هن جون ڪجھ صورتون آهن جيئن گھر سوڙهو(يعني ننڍو) آهي ۽ والدين به اهو ئي چاهين ٿا ته پٽ ڌار ٿي وڃي هن صورت ۾ الڳ ٿيڻ ۾ حرج ناهي. جيڪڏهن گھر ۾ مسئلا آهن ته والدين جي رضامندي سان ڌار ٿي يعني والدين خوشيءَ سان اجازت ڏئي ڇڏين ته الڳ ٿي وڃي. صرف زال جي حمايت ڪرڻ ۽ ماءُ کي بُرو ڀلو چوڻ ۽ هن طرح جهيڙو جهڳڙو ڪري الڳ ٿي وڃڻ تمام بُرو آهي. ڪجھ ماڻهو پوڙهي ماءُ پيءُ کي ڌِڪاري ڇڏيندا آهن انهن کي ائين نه ڪرڻ گھرجي، جيڪڏهن پوڙهي ماءُ پيءُ جي طرف کان ڪجھ آزمائش هجي تڏهن به پنهنجي گھرواريءَ جو ذهن بڻائڻ گھرجي، ان کي سمجھائڻ گھرجي ته **"انهن جي پوڙهائپ آهي صبر ڪر، برداشت ڪر ۽ تون زبان نه هلاءِ، اِنْ شَآءَ الله آهسته آهسته تمام مسئلا حل ٿي ويندا."** جڏهن نُنهن زبان ڪوليندي آهي ته معاملو خراب ٿي ويندو آهي، اهڙيءَ طرح سمجھائي ڪري ڪم هلايو وڃي. (ملفوظاتِ اميراہل سنت ،533/3)

**سوال:** ڪڏهن ڪڏهن والدين اجايو سمجھائڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن، حالانڪ اسان جي ڪا غلطي ناهي هوندي، ته ان وقت ڪاوڙ اچي ويندي آهي اهڙي صورت ۾ ڇا ڪرڻ گھرجي؟

**جواب:** اوهان پاڻ وٽ هڪ ڪائونٽر (ڊجيٽل تسبيح جيڪا وظيفن کي شمار ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي آهي) رکو ۽ جڏهن به ائين ٿي ته دُرود شريف

پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هي دُرود شريف اوهان ڪي ٿڌو ڪري ڇڏيندو. جيڪڏهن ماءُ يا پيءُ تي ڪاوڙ ڪندؤ ته معاملو خراب ٿي ويندو، تنهنڪري صبر ڪيو ۽ قفلِ مدينه لڳائي ڪري دُرود شريف پڙهو. ۽ جڏهن ماءُ پيءُ خاموش ٿي وڃن ته موقعي جي مناسبت سان نهايت پيار ۽ محبت سان انهن کي سمجهايو. البت جيڪڏهن اوهان کي لڳي ته منهنجي سمجهائڻ تي معاملو بگڙجي سگهي ٿو ته خاموش رهو.

والدين کي به گهرجي ته سوچڻ سمجهڻ جي بغير اولاد تي ڪاوڙ نه ڪن جو هن طرح اولاد باغي ٿي ويندو آهي، پوءِ ماءُ پيءُ کي سخت آزمائش جو منهن ڏسڻو پوندو آهي، تنهنڪري والدين ۽ اولاد ٻنهي کي ئي ظلم کان بچڻ گهرجي. (ملفوظاتِ اميراہل سنت، 365/5)

**سوال:** ڇا هر ڪم جي لاءِ والدين جي اجازت وٺڻ ضروري آهي؟

جواب: ايڏو ننڍو ٻار جيڪو ناسمجھ هجي، عرف ۾ جنهن جي ٻاهر نڪرڻ سان والدين پريشان ٿيندا آهن ته والدين کي گهرجي ته هُو ان ٻار کي اجازت وٺڻ جي عادت وجهن ۽ ان کي سمجهائين ته بنا اجازت جي ڪيڏي به نه وڃي. ٻار ناسمجھ هوندو آهي اهو ازخود ته اجازت نه وٺندو تنهنڪري ان جي اجازت وٺڻ جي عادت ٻڌائڻي پوندي. جڏهن مان ننڍو هوندو هيس پر سمجهدار هيس تڏهن به منهنجي ماءُ مونکي چوندي هئي: ٻاهر روڊ تي نه وڃجانءِ. اسان جي گهر جي پويان روڊ هو ۽ روڊ ٽپي ڪري ڪرڪري گرائونڊ هو ته چونديون هيون گرائونڊ ۾ نه وڃجانءِ. مان گرائونڊ ۾ وڃڻ کان ڊڄندو هيس ته امڙ منع ڪيو آهي. ماءُ پيءُ ٻار جي ڇڱائي جي لاءِ منع ڪندا آهن، ان ڪري ماءُ پيءُ کان اجازت وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن

ٻار سمجهدار ٿي چڪو آهي ۽ والدين کي ان جي ٻاهر وڃڻ سان ڳڻتي نہ ٿي ٿئي ۽ ٻار والدين کان بنا پڇڻ جي نماز جي لاءِ مسجد يا پڙهڻ جي لاءِ مدرسي ۽ جامعہ هليو وڃي ٿو ۽ ماءُ پيءُ کي خبر بہ آهي تہ ظاهري ڳالھ آهي تہ ماءُ پيءُ کي بُرو نہ لڳندو، پر پوءِ بہ اجازت وٺڻ سُنو آهي. (ملفوظاتِ اميرِاہل سنت، 361/6)

**سوال:** ڇا اولاد جيڪو بہ نيڪ عمل ڪري ان جو ثواب والدين کي پهچندو آهي يا انهن کي ايصال ثواب ڪندا تڏهن ئي ثواب پهچندو؟

**جواب:** جيڪڏهن پٽ چاهي ٿو تہ مان پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت ادا ڪيان، ڏاڙهي رکان، پر ماءُ پيءُ ان کي دڙڪا ڏين ٿا تہ ”تون مُلو ٿيندين؟ حَجم ٿيندين؟ ڪباب وڪڻندين؟ نہ ٿي ملو! گهرائي ۾ نہ وڃ“ اهڙا بہ واقعا ٿيا آهن جو ننڍ ۾ ڏاڙهي ڪوڙي وئي، ڪڏهن عمامو ڦاڙيو ويو تہ اهڙي صورت ۾ جڏهن پٽ ڏاڙهي رکي رهيو آهي، علمِ دين سکڻ جي لاءِ نيڪ ماڻهن وٽ وڃي رهيو آهي ۽ اجتماعن ۾ شرڪت ڪري رهيو آهي، ۽ ماءُ پيءُ روڪي رهيا آهن تہ مرڻ کان بعد انهن کي پٽ جي هنن نيڪ اعمالن جو ثواب نہ ملندو، ماءُ پيءُ تہ پٽ کي نيڪين کان روڪي ڪري گنهگار ٿي رهيا آهن ۽ ”وليد بن مغيره“ جي نيابت جو حق ادا ڪري رهيا آهن. قرآنِ ڪريم ۾ ”وليد بن مغيره“ جا 10 عيبَ بيان ٿيا آهن جن مان هڪ هي بہ آهي: مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ ترجمو ڪنزالعرفان: ڀلائي کان گهڻو روڪيندڙ. تہ جيڪي ماڻهو نيڪي ۽ ڀلائي کان روڪيندا آهن جيتوڻيڪ ماءُ پيءُ هجن يا ڪو ٻيو، اهي هن آيت ۾ داخل آهن. مان ڪا مسجد نہ ٺهرايا تہ مونکي ثواب ملندو، مسجد جي لاءِ چندو ڏيان تہ ثواب ملندو، مُفت ۾ مسجد جي لاءِ مزدوري ڪيان تہ مونکي ثواب ملندو، پاڙي ۾ مسجد نهي رهي

آهي ۽ منهنجي دل خوش ٿي رهي آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ ان تي بہ مونکي ثواب ملي وڃي، پر مان دل ۾ بُرو سمجهان تہ ”هي مسجد جو نهرائي رهيا آهن؟ ايڏي جڳهہ گهيري ورتي، هي ڪري ورتو هُو ڪري ورتو“ تہ پوءِ مونکي ڪيئن ثواب ملندو. والدين کي ثواب ان صورت ۾ ملندو آهي جو اهي پنهنجي اولاد کي نيڪ ڪم تي لڳائين، ان جي لاءِ ڪوشش ڪن ۽ علمِ دين پڙهائي ڪري دنيا مان وڃن. (صراط الجنان، پ1، البقرة، تحت الآية: 1،132/ 212) ثواب پهچڻ جي هڪ صورت هيءَ بہ آهي تہ اولاد جيڪا بہ نيڪي ڪندو آهي ان جو ايصالِ ثواب ڪري، تڏهن انهن کي ثواب پهچندو. والدين جيڪڏهن ڪو نيڪ اولاد ڇڏي وڃن ۽ اهو والدين جي لاءِ دعا ڪري تہ والدين کي ثواب ملندو. (مسلم،ص684، حديث:4223 ماخوذاً) ڪنهن جي پٺيان جيڪڏهن اهڙو اولاد موجود هجي تہ هيءَ وڏي سعادت جي ڳالهہ آهي. پر سچي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اڄڪلهہ اولاد کي دعا ڪرڻ بہ نہ ٿي اچي. رمضان ۾ قرآنِ پاڪ ختم ڪرڻ کان بعد اسان جهڙن کي ڳوليندا آهن تہ ”مون قرآن پڙهيو آهي، اوهان بخشي ڇڏجو“ مون سان ڪيئي ڀيرا ائين ٿيو آهي. ماڻهن کي هيءَ خبر ناهي هوندي تہ قرآن پڙهي ڪري بخشيندا سين ڪيئن؟ ڄڻ بس مولانا ئي آهي جيڪو قبر جو دروازو کولي ڪري اندر ثواب لاهي سگهي ٿو. ظاهر آهي تہ هنن سڀني جي سبب نيڪ ماحول کان دوري هوندي آهي. الحمدللّٰہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ماڻهن کي خبر هوندي آهي تہ ثواب ڪيئن پهچندو آهي؟ جيڪي ماءُ پيءُ اولاد کي نيڪ ڪمن کان روڪيندا آهن ۽ معاذَ اللّٰہ نيڪي کان چڙندا آهن، تہ ڪجهہ صورتن ۾ ڪُفر جو انديشو بہ هوندو آهي. هي تمام وڏو خوفناڪ معاملو آهي. اسان کي نيڪي کان چڙَ ٿئي ان کان پهريان ئي اللّٰہ اسان جو خاتمو ايمان تي فرمائي ڇڏ. (ملفوظاتِ امير اہل سنت، 106/5)

**سوال:** جيڪڏهن والدين روزا نہ رکندا هجن تہ ٻار انهن کي ڪيئن سمجهائين ؟

**جواب:** ٻارن کي گهرجي تہ اهي پنهنجي والدين جي لاءِ دعا ڪن ۽ ”فيضانِ رمضان“[1] ڪتاب مان روزا رکڻ جي فضيلتن ۽ نہ رکڻ جي وعيدن تي مشتمل روايتن جو هن طرح درس ڏين جو اهي بہ ٻڌي وٺن. الله پاڪ چاهيندو تہ ڪين روزن رکڻ جي توفيق ملي ويندي.

**سوال:** اسان پنهنجي والدين کي ڪهڙيءَ طرح نيڪي جي دعوت ڏيون ؟

**جواب:** اوهان پنهنجي والدين کي فرمانبرداري ڪري انهن کي نيڪي جي دعوت ڏئي سگهو ٿا. جيڪڏهن والدين جي فرمانبرداري ڪندؤ، انهن جي سامهون نظرون جهڪائي ڪري آهستہ آواز سان گفتگو ڪندؤ ۽ جڏهن اهي اچن تہ انهن جي اڳيان هٿ ٻڌي ڪري تعظيماً بيهي رهندؤ تہ ائين جڏهن اوهان انهن سان سُنو سُلوڪ ڪري انهن جو خوب ادب ۽ احترام ڪندؤ تہ هي بهترين نيڪي جي دعوت ثابت ٿيندي ۽ پوءِ اوهان جيڪا ڳالهہ انهن سان ڪندؤ اهي مڃي وٺندا. ياد رهي! اولاد تي ماءُ پيءُ جو هي حق بہ آهي تہ انهن جي تعظيم ڪري، انهن جي دل خوش ڪري ۽ انهن جي فرمانبرداري ڪري. جيڪڏهن اوهان ماءُ پيءُ سان اجايو ضد ڪندؤ تہ هن طرح نہ

---

[1] ”فيضانِ رمضان“ هي اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 460 صفحن تي مشتمل پنهنجو ڪتاب آهي، هن ڪتاب ۾ 10 عنوانَ آهن: (1) فضائلِ رمضان شريف (2) احڪامِ روزا (3): فيضانِ تراويح (4) فيضانِ ليلةُ القدر (5) الوداع ماهِ رمضان (6) فيضانِ اعتڪاف (7) فيضانِ عيدُ الفطر (8) نفل روزن جا فضائل (9) روزيدارن جون 12 حڪايتون (10) مُعتڪفين جون 40 مدني بهارون. (شعبہ ملفوظاتِ اميرِ اهلسنّت)

ماءُ پيءُ کي نہ ئي ڪنهن عام ماڻهو کي نيڪي جي دعوت ڏئي سگهجي ٿي. اسان وٽ ٿيندو هي آهي تہ عوام جي سامهون تہ جي سائين، لَبَيڪ ۽ مُسڪرائي ڪري عاجزي ڪندا آهن ۽ ماءُ پيءُ جي سامهون ببر شير جيان رڙيون ڪري ڳالهائيندا آهن تہ اهڙي صورت ۾ انهن تي نيڪي جي دعوت ڪهڙيءَ طرح اثر ڪندي. [1] (ملفوظاتِ اميراہل سنت ،240/2)

**سوال:** والدين ۾ جيڪڏهن جُدائي ٿي وڃي اهڙي صورت ۾ اولاد ڇا ڪري؟

**جواب:** والدين ۾ جيڪڏهن جدائي ٿي وڃي تہ اهڙي صورت ۾ اولاد کي ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي سان انصاف ڪرڻ گهرجي. اولاد کي هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ طلاق ڏيڻ کان بعد پيءُ، پيءُ هجڻ کان خارج ناهي ٿي ويندو بلڪ پيءُ ئي رهندو آهي تنهنڪري پيءُ جي حقن جي ادائيگي ضروري آهي. ڇوتہ عام طور تي ماءُ ٻارن تي حاوي هوندي آهي ان ڪري اهڙي موقعي تي جوان ٻار ماءُ جو ساٿ ڏئي ڪري پيءُ کي گهران ڪڍي ڇڏيندا آهن. اهڙي طرح ڪڏهن ڪڏهن جُدائي کان بعد ماءُ ٻارن کي پنهنجي پيءُ سان ملڻ جُلڻ کان روڪڻ جي لاءِ هن طرح جون ڌمڪيون ڏيندي آهي تہ جيڪڏهن پيءُ سان ملڻ وئين تہ ٿڃ معاف نہ ڪندي سانءِ! اهڙي صورت ۾ ٻارن کي گهرجي تہ پنهنجي ماءُ جو حڪم نہ مڃين، لڪي ڪري پيءُ سان لاڳاپا قائم رکن ۽ جيڪڏهن پيءُ کي پيسن جي ضرورت هجي تہ ان جي لاءِ بہ ڪيسي ۽ تجوري جو منهن کُليل رکن جو هن طرح ڪرڻ سان الله پاڪ انهن کي مالا مال ڪري ڇڏيندو. جهيڙي ۾ جيڪڏهن

---

2اعلٰي حضرت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ماءُ پيءُ جيڪڏهن گناه ڪندا هجن تہ انهن سان بہ نرمي ۽ ادب سان گذارش ڪري جيڪڏهن مڃين بهتر نہ تہ سختي نہ ٿو ڪري سگهي بلڪ غيبت (يعني انهن جي غير موجودگي) ۾ انهن جي لاءِ دعا ڪري. (فتاویٰ رضويہ،157/21)

ماءُ حق تي هئي ان جي باوجود پيءُ ڪاوڙ ۾ طلاق ڏئي ڇڏي تڏهن به اولاد کي پيءُ سان حسنِ سلوڪ سان پيش اچڻ گهرجي نه ته قيامت جو ڏينهن ته پري جي ڳالهه آهي ماءُ پيءُ جي نافرمان کي دنيا ۾ ئي سزا ڏني ويندي آهي.

الحمدلله! معاشري ۾ اهڙا سلڇڻا ٻارَ به آهن جيڪي ماءُ پيءُ ۾ جُدائي ٿيڻ کان بعد فساد کان بچڻ جي لاءِ ماءُ کان لڪي ڪري پيءُ جي مالي مدد ڪندا ۽ دوا دارون جو خرچ ڪٽندا آهن. ماءُ کي به گهرجي ته جيڪڏهن طلاق وغيره ٿي وڃي ته دل وڏي رکي ۽ اولاد کي والد جي نافرماني جي گناهه تي نه اڀاري بلڪ ٿي سگهي ته اولاد کي هي سمجهائي ته منهنجي ۽ تنهنجي والد جي وچ ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو ان کان نظر ڦيري ڪري منهنجي به خدمت ڪر ۽ پنهنجي پيءُ جو به خيال رک. جيڪڏهن اولاد ماءُ يا پيءُ مان ڪنهن تي ظلم ڪيو آهي ته پيرين پئي معافي گهري ۽ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ توبهه به ڪري. اڪثر ڪري معاملو طلاق تائين ناهي پهچندو ۽ ماءُ پيءُ جهيڙو جهڳڙو ڪري جُدا ٿي ويندا آهن اهڙي صورت ۾ اولاد کي گهرجي ته والدين ۾ صلح ڪرائي ڇڏي جو قرآنِ پاڪ ۾ آهي:

وَالصُّلۡحُ خَيۡرٌ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ صلح بهتر آهي. (سيپارو: 5، سورة نسآء: 128)

۽ جيڪڏهن صلح نه ٿي سگهي ته ٻنهي جي خدمت ڪري ۽ ائين هرگز نه ٿئي جو هڪ جي خدمت ڪري ۽ ٻئي کي ڇڏي ڏي. جيئن ماءُ پيءُ اولاد کي ننڍپڻ ۾ بسترو خراب ڪرڻ ۽ حرڪتون ڪري گهر جي ٿاون ڀڃڻ جي باوجود ڇڏي ناهن ڏيندا ڇوته ان وقت اولاد کي ماءُ پيءُ جي ضرورت هوندي آهي ائين ئي اولاد کي به گهرجي ته جڏهن اهو وڏو ٿي وڃي ته ماءُ پيءُ سان وفا ڪري ۽ انهن کي هرگز نه ڇڏي ڇوته ان وقت ماءُ پيءُ کي به اولاد جي ضرورت هوندي آهي. (ملفوظاتِ اميراہل سنت، 188/1)

**سوال:** جيڪڏهن والد صاحب ٻي شادي ڪري ۽ پهرين گهرواري جي اولاد کان ملڻ جُلڻ ڇڏي ڏي ته اهڙي صورت ۾ اولاد ڇا ڪري؟

جواب: اهڙي صورت ۾ پهرين گهرواري جو اولاد صبر ڪري ۽ پنهنجي والد صاحب سان ملڻ جُلڻ جي ڪوشش ڪري. جيڪڏهن اولاد پنهنجي والد صاحب جي خدمت ڪندو ته اهو به ضرور اولاد سان ميل جول رکندو. جيڪو اولاد هيئن چوندو آهي ته پيءُ اسان سان ميل جول نٿو رکي ان ڪري اسان به پنهنجي پيءُ سان ميل جول نه رکنداسين، جيڪڏهن پيءُ دنيا مان هليو وڃي ته اهو ئي اولاد وراثت جو مال حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڊوڙندو ايندو ۽ خواب ۾ به پنهنجي پيءُ جي ڇڏيل مال کان انڪار نه ڪندو. جيڪڏهن اولاد امير ۽ پيءُ غريب هجي تڏهن به اولاد کي الله پاڪ جي رضا ۽ جنّت حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي پيءُ جي خدمت ڪرڻ گهرجي. جنّت جي ڪا قيمت ناهي جو ان کي پيسن ۽ خزانن سان حاصل ڪري سگهي البت ماءُ پيءُ جي خدمت جي ذريعي الله پاڪ کي راضي ڪري حاصل ڪري سگهجي ٿي. (ملفوظاتِ امیراہل سنت ،189/1)

**سوال:** اولاد ڪهڙين صورتن ۾ ماءُ پيءُ کان تعلق ٽوڙي سگهي ٿو؟

جواب: جيڪڏهن والدين معاذَالله ايمان کان ڦري ڪري مُرتد ٿي وڃن ته بيشڪ انهن کان رشتو ختم ڪيو وڃي. (فتاویٰ رضویہ، ۲۷۸/۲۱ملخصاً)
جيڪڏهن نَعُوذُبالله اهي اولاد جي دين کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ۾ هجن مثلاً هُو چاهين ٿا ته اولاد کي پاڻ جهڙو بڻائن پوءِ ته اجان وڌيڪ خطرناڪ معاملو آهي لهٰذا اهڙي صورت ۾ اولاد انهن کان اجان به وڌيڪ پري ڀڄي. بهرحال جيڪڏهن والدين مُرتد هجن ته انهن کان رشتو ٽُوڙڻو پوندو. اصلي ڪافر اهو هوندو آهي جيڪو شروع کان ئي ڪافر هجي ۽ مُرتد اهو (آهي) جيڪو مسلمان هجڻ

کان بعد ڪافر ٿيو، اصلي ڪافر جي مقابلي ۾ مُرتد جا احڪام وڌيڪ سخت آهن ۽ ڪافر جي مقابلي ۾ مُرتد کي عذاب بہ تمام سخت ٿيندو.

**سوال:** والدين جيڪڏهن غلطي ٿيڻ يا نہ ٿيڻ تي بددعا ڏيندا هجن تہ اولاد جي حق ۾ انهن جي بددعا قبول ٿيندي آهي؟

**جواب:** ماءُ پيءُ جي بددعا اولاد جي حق ۾ قبول آهي.[1] لھٰذا انهن جي دعا وٺڻ گهرجي بددعا کان بچڻ گهرجي. جڏهن ڪو قصور ٿيندو هوندو تہ ماءُ پيءُ ڪاوڙ ۾ اچي ڪري بددعا ڏيندا هوندا نہ تہ بلا وجهہ نہ ڏيندا هوندا. ماءُ پيءُ کي گهرجي تہ اهي پنهنجي اولاد کي صرف دعائن سان نوازين ۽ بددعا نہ ڏين جو ويچارو اولاد برباد ٿي ويندو. (ملفوظاتِ اميراہل سنت، 97/3)

**سوال:** ڪجهہ شادين ۾ گهوٽ جا ماءُ پيءُ هي چاهيندا آهن تہ شادي ۾ ڳائڻ وڄائڻ، شور شرابو ۽ موج مستي هجي جڏهن تہ گهوٽ ان جي خلاف هوندو آهي تہ ڇا ان صورت ۾ گهوٽ پنهنجي ماءُ پيءُ جي مخالفت ڪري سگهي ٿو؟ ڇا هي ماءُ پيءُ جي نافرماني چورائيندي؟

**جواب:** الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي جو اسان گناهن کان بچي ڪري شاديون ۽ ٻيون تقريبون ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. هي هميشہ ياد رکو تہ جتي الله پاڪ جو حڪم اچي وڃي اتي ڪنهن ٻئي جو حڪم نہ مڃيو ويندو ان ڪري الله پاڪ جن ڪمن کان منع ڪيو آهي جيڪڏهن والدين انهن کي ڪرڻ جو چون تہ اهي ڪمَ نہ ڪيا ويندا ۽ ان صورت ۾ والدين جي نافرماني جو گناهہ بہ نہ

---

[1] اولاد جي حق ۾ ماءُ پيءُ جي دعا قبول آهي ۽ بددعا بہ، والد مان مُراد ماءُ پيءُ ٻئي آهن ڏاڏو بہ هن ۾ داخل آهي جو بالواسطہ اهو بہ والد آهي ماءُ جي دعا تمام گهڻي قبول ٿيندي آهي.(مراۃ المناجیح، 301/3 )

ملندو بلڪ ضروري آهي ته هن معاملي ۾ ماءُ پيءُ جي ڳالھ نه مڃي وڃي ۽ الله پاڪ ۽ رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڳالھ مڃي وڃي. (تفسير خازن، پ21، لقمٰن، تحت الآية:15، 470/3- 471) ڳائڻ وڄائڻ گناهن جا ڪم آهن جڏهن ته الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ گناهن کان منع ڪيو آهي ان ڪري شادين ۾ هي نه هجڻ گهرجن لهٰذا جيڪڏهن گهوٽ نه ٿو ڪرڻ ڏي ۽ والدين کي منع ڪري ٿو ته اهو صحيح ڪري ٿو. والدين کي به گهرجي ته خوشي جي موقعي تي اهي ٻارن جو ٻيو ڪجھ پرمُ رکندا آهن ته هن پرمُ کي به رکڻ گهرجي ۽ هميشه جي لاءِ انهن گناهن کان بلڪ سڀني گناهن کان توبھ ڪرڻ گهرجي. (ملفوظاتِ اميراہل سنت، 498/2)

**سوال:** جيڪو اولاد پنهنجي والدين کي زندگي ۾ راضي نه ڪري سگهي اهو انهن جي وفات کان بعد ڪهڙو عمل ڪري جنهن سان سندن والدين ان سان راضي ٿي وڃن؟

**جواب:** جن جا والدين ناراضگي جي حالت ۾ انتقال ڪري ويا هجن انهن کي گهرجي ته هو ڪثرت سان پنهنجي والدين جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪن چوته فوت ٿي ويلن جي لاءِ سڀ کان وڏو تحفو مغفرت جي دعا آهي. جيئن ته پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڪنهن جي ٻنهي ماءُ پيءُ يا هڪ جو انتقال ٿي ويو ۽ هي انهن جي نافرماني ڪندو هو، هاڻي انهن جي لاءِ هميشه اِستغفار ڪندو رهندو آهي، ايستائين جو الله پاڪ ان کي نيڪوڪار لکي ڇڏيندو آهي. (شعب الايمان، 202/6 حديث: 7902) پڻ اولاد کي گهرجي ته پنهنجي والدين جي لاءِ مغفرت جي دعا سان گڏوگڏ فاتحه خواني يا دُرود شريف وغيره پڙهي ڪري ڪثرت سان ايصالِ ثواب جو سلسلو جاري رکي چوته جڏهن اولاد جي طرف کان انهن کي خوب ايصالِ

ثواب پهچندو تہ الله پاڪ جي رحمت مان اميد آهي تہ هُو پنهنجي اولاد کان راضي ٿي ويندا. پنهنجي والدين ۽ ٻين مٽن مائٽن جي ايصالِ ثواب جي نيت سان مڪتبةُ المدينہ جا مدني رسالا بہ تقسيم ڪري سگهجن ٿا. ۽ جيڪڏهن ڪو پنهنجي والدين يا ٻين مٽن مائٽن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ مدني رسالا ورهائڻ چاهي ۽ انهن تي پنهنجي والدين وغيره يا پنهنجو پَتو وغيره لکرائڻ چاهي تہ اهو مڪتبةُ المدينہ سان رابطو ڪري. [1] (ملفوظاتِ اميراہل سنت، 184/1)

**سوال:** ڇا والدين کي انهن جي قبر ۾ پنهنجي اولاد جي زندگي جي باري ۾ خبر پئجي سگهي ٿي؟

**جواب:** فوت ٿي ويل والدين تي هر جمعي تي انهن جي اولاد جا سُٺا بُرا اعمال پيش ٿيندا آهن، جڏهن اولاد جون نيڪيون ڏسندا آهن تہ انهن جو چهرو خوشي وچان مهڪندو آهي، ان تي خوشي جا آثار هوندا آهن ۽ جڏهن بُرايون ۽ گناهہ ڏسندا آهن تہ انهن جي چهري تي ميراڻ جا آثار هوندا آهن. (نوادر الاصول ،الجزء:۱، ص ۶۷۱، حديث : ۹۲۵) **يعني** انهن جو چهرو ڪوماڻجي ويندو آهي. (ملفوظاتِ اميراہل سنت ،389/4)

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن جا والدين غير مُسلم هجن تہ اهي نماز ۾ پڙهي ويندڙ دعا مُقِيۡمَ الصَّلٰوةِ رَبِّ اجۡعَلۡنِيۡ جنهن ۾ والدين جي مغفرت جي بہ دعا آهي، ان ۾ ڪهڙي نيّت ڪري؟

**جواب:** ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب صفحي نمبر 77 کان 78 تي آهي: ”سوال: جيڪڏهن ڪنهن جا والدين يا ٻنهي مان

---

[1] والدين يا ٻين مٽن مائٽن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ مدني رسالا ورهائڻ جي لاءِ هن ادريس تي رابطو ڪيو: twitter/maktabatulmadina Fb/maktabatulmadina03112686522

هڪ ڪافر يا مُرتد هجي تہ اهو فيضانِ سنّت جو درس ڏيڻ کان بعد هيءَ دعا: ”اي الله اسان جي، اسان جي ماءُ پيءُ ۽ سڀني امّت جي مغفرت فرماءِ“ ڪري سگهي ٿو يا نہ؟ پڻ نماز ۾ هن قرآني دعا رَبِّ اجۡعَلۡنِیۡ مُقِیۡمَ الصَّلٰوۃِ.... جو هي حصو لِوَالِدَیَّ رَبَّنَا اغۡفِرۡ لِیۡ وَ .... الخ (يعني اي اسان جا پروردگار! منهنجي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ جي مغفرت فرماءِ. پڙهي يا نہ؟ جواب: جيڪڏهن والدين ڪافر هجن تہ انهن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪرڻ ڪفر آهي. (تفسير کبير ،پ 11،التوبۃ،تحت الآیۃ: 114 ،159/6)

ان ڪري فيضانِ سنّت جي درس ۾ دعا جا هي الفاظ ”اسان جي ماءُ پيءُ“ نہ چئي بلڪ هن طرح دعا ڪري: اي الله! اسان جي ۽ سڀني امّت جي مغفرت فرماءِ. نماز ۾ بہ اهڙي دعا نہ ٿو پڙهي سگهي (جنهن ۾ والدين جي مغفرت جي دعا هجي). جيڪڏهن سوال ۾ ذڪر ٿيل دعا جو ترجمو ڄاڻي ٿو تہ والدين جي بخشش جي دعا ان ۾ آهي ۽ ڄاڻي ٿو تہ ان جا والدين ڪافر يا مُرتد آهن پوءِ بہ ڄاڻي واڻي پنهنجي والدين جي مغفرت جي نيّت سان ان هي دعا ڪئي تہ ان دعا ڪرڻ واري تي ڪفر جو حڪم آهي ۽ توبهہ ۽ تجديدِ ايمان (يعني ٻيهر ايمان آڻڻ) ان تي فرض آهي. (فتاوی رضویہ، 228/21) (ملفوظاتِ امیراہل سنت ،203/3)

**سوال:** اولاد ڪمائي رهيو هوندو آهي ۽ والدين پوڙهائپ کي پهچي چڪا هوندا آهن اهڙي حالت ۾ اولاد هي سوچيندو آهي تہ هاڻي والدين کي حج ڪرائي ڇڏيون تا اسان بعد ۾ ڪري وٺنداسين ڇا ائين ڪرڻ درست آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن حج جا شرائط پاتا وڃڻ جي صورت ۾ اولاد تي حج فرض ٿي ويو آهي تہ هاڻي انهن کي پاڻ حج ڪرڻو پوندو ايستائين

جو جيڪڏهن ماءُ پيءُ اجازت نہ بہ ڏين تڏهن بہ فرض حج ادا ڪرڻ جي لاءِ وڃڻو پوندو.[1] (ملفوظاتِ اميراہل سنت،37/3)

**سوال:** حج جا فارم ڀرجي رهيا آهن ۽ حج جون تياريون ٿي رهيون آهن. جيڪڏهن ڪنهن جا والدين دنيا مان هليا ويا آهن تہ ڇا انهن جي لاءِ حجِ بدل ڪرائي سگهون ٿا؟ جيڪڏهن ڪو پنهنجي مرحومين جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ڪنهن کي حج تي موڪلڻ چاهي تہ ڇا مرحومين کي ان جو ثواب ملندو؟

**جواب:** حجِ بدل جا ڪوڙ سارا مسئلا آهن. جڏهن بہ حجِ بدل ڪرائڻو هجي تہ دعوتِ اسلامي جي مڪتبةُ المدينہ جي ڪتاب رفيقُ الحرمين ۽ بهارِ شريعت ۾ موجود مسئلا ڏسي وٺڻ گهرجن. (رفيق الحرمين، ص208-214- بهار شريعت،1199/1-1210-) حجِ بدل ڪرائڻ وارو بہ مسئلا ڏسي ۽ حجِ بدل ڪرڻ وارو بہ مسئلن جو مطالعو ڪري. خالي ڪنهن چئي ڇڏيو تہ حج بدل ڪري ونو ۽ اسان بہ خوش ٿي وياسين تہ ادا خرچ ملي ويو ۽ آقا گهرائي ورتو. ائين نہ ٿي. حج بدل ڪرائي سگهون ٿا پر ان کان ڪرائڻ گهرجي جيڪو حجِ بدل جا مسئلا ڄاڻيندو هجي. عام ماڻهو حجِ بدل جا مسائل ناهن ڄاڻيندا. والدين جي طرف کان حجِ بدل ڪرائڻ وڏو ثواب جو ڪم آهي. جيڪو والدين جي نالي تي حج ڪندو ان کي 10 حجن جو ثواب ملندو. (دارقطنی،329/2، حديث:2587) بهرحال پنهنجي والدين پنهنجي عزيزن جي طرف کان، پڻ غوثِ پاڪ ۽ خواجہ غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ايصالِ ثواب جي لاءِ حجِ بدل ڪرائڻ گهرجي. الحمدلله! دعوتِ اسلامي ۾

---

[1] صدرُ الشريعہ بدرُ الطريقہ مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جڏهن حج جي لاءِ وڃڻ تي قادر هجي حج فوراً فرض ٿي ويو يعني انهيءَ سال ۾ ۽ هاڻي دير ڪرڻ گناھ آهي ۽ ڪجھ سالن تائين نہ ڪيو تہ فاسق آهي ۽ ان جي گواهي مردود پر جڏهن ڪندو ادا ئي آهي قضا ناهي. (بهارِ شريعت،1051/1، حصہ:6)

بہ هيءَ ترڪيب آهي تہ اسان حجِ بدل جي لاءِ موڪليندا آهيون، جيئن اسان دارُ الافتاء اهلسنّت جي عالمن کي حج ڪرائيندا آهيون، اسان جي ڪوشش هوندي آهي تہ دارُ الافتاء اهلسنّت جو هر عالِم حج ڪري، تہ جيئن مسئلن جو پريڪٽيڪل ٽي وجي ۽ امّت جي رهنمائي ڪرڻ آسان ٿئي.

(هن موقعي تي رڪن شوريٰ حاجي عبدالحبيب عطاري فرمايو:) دعوت اسلامي جي مجلس حج ۽ عمري جي طرف کان پنهنجي عزيزن جي ايصال ثواب جي خاطر اسلامي ڀائرن کي حج بدل جي لاءِ موڪلڻ وارن جي لاءِ دعا فرمايو.

(ان موقعي تي امير اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَہۡ هي دعا فرمائي:) اي ربِّ مصطفٰي! جيڪو بہ دعوتِ اسلامي جي مجلس حج ۽ عُمره جي ذريعي پنهنجي رشتيدارن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ يا هونئن ئي نفل حج جي لاءِ ڪنهن کي موڪلڻ جي رقم وغيره فراهم ڪري، مولاءِ ڪريم ان جو ايمان سلامت رکُ، بُري خاتمي کان بچاءِ، اي اللّٰه! ان کي آفتن ۽ بلائن کان محفوظ رک، ٻنهي جهانن جون ڀلايون ان جو مقدر ڪر ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ. (ملفوظاتِ اميراہل سنت، 263/5)

**سوال:** جيڪڏهن والدين جو انتقال ٿي چڪو هجي تہ ڇا انهن جي نالي جي قرباني ڪري سگهجي ٿي؟

**جواب:** بيشڪ ڪري سگهجي ٿي. جيڪڏهن توهان وٽ حصي وارو وڏو جانور آهي تہ ان ۾ بہ پنهنجي مرحوم والدين جا نالا وجهي سگهو ٿا ۽ هيءَ قرباني انهن جي طرف کان ايصالِ ثواب واري قرباني ٿي ويندي. (فتاوٰی رضويہ، 597/20) (ملفوظاتِ اميراہل سنت، 246/5)

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net